SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.XV OF 2014
# THE SINDH CHILD MARRIAGES RESTRAINT ACT, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV، مجريہ 2014
# ٻالپڻي جي شادين کي روڪڻ وارو سنڌ ايڪٽ، 2013

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. وصفون
Definitions

3. لائون لهندڙ گهوٽ لاءِ سزا.
Punishment for male contracting party.

4. ٻاراڻي شادي جي رسم ادائي ڪندڙ لاءِ سزا.
Punishment for solemnizing a child marriage.

5. ٻاراڻي شاديءَ ۾ ملوث والدين يا سنڀاليندڙ لاءِ سزا.
Punishment for parent or guardian concerned in a child marriage.

6. هن ايڪٽ مطابق اختيار جو دائرو.
Jurisdiction under this Act.

7. هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي واري صورت ۾ شاديءَ کان روڪڻ جي حڪم ڏيڻ جو اختيار.

Power to issue injunction prohibiting marriage in contravention of this Act.

8. سزا لائق ۽ ڪيس هلائڻ لائق ڏوهه.

Offence to be punishable and triable.

9. عدالتي اختيار، مقدمو ۽ ڪيس جي پڇاڙي.

Cognizance, trial and conclusion of the case.

10. قاعدا.

Rules.

11. ضمانت

Indemnity.

12. تڪليف جو خاتمو

Removal of difficulty.

13. منسوخي ۽ بچاءَ.

Repeal and saving.

# SINDH ACT NO.XV OF 2013

# THE SINDH CHILD MARRIAGES RESTRAINT ACT, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV، مجريہ 2013

# ٻالپڻي جي شادين کي روڪڻ وارو سنڌ ايڪٽ، 2013

[11 جون 2014]

ايڪٽ، جنهن ذريعي ٻالپڻي جي شادين وارين رسم ادائي کي روڪي سگهبو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ٻالپڻي جي شادين واري رسم ادائي کي روڪڻ مهلائتو آهي.

ان ڪري، اهو هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي ٻاراڻين شادين کي روڪڻ وارو سنڌ ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون Definitions

2. هن ايڪٽ جي نفس مضمون يا تناظر جي برعڪس نہ آهي تہ پوءِ:

(الف) "ٻار" (Child) جو مطلب ڇوڪرو يا ڇوڪري جنهن جي ڄمار ۾ ارڙهن سالن کان گهٽ هجي.

(ب) "ٻاراڻي شادي" (Child Marriage) جو مطلب آهي اها شادي جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار مان ڪو بہ ٻار هجي.

(ت) "ڪوڊ" (Code) جو مطلب آهي Code Criminal Procedure 1898, (No.V of 1898.)

(ٿ) "لائون لهندڙ ڌر" (Contracting Party) اها ڪا بہ ڌر جنهن جي شادي آهي، يا شادي جي رسم ادا ٿيڻ واري آهي.

(ٿ) "ڪورٽ" (Court) جو مطلب آهي فرسٽ ڪلاس جڊيشل ماجسٽريٽ.

(ج) "گورنمينٽ" (Government) جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

Punishment for male Contracting Party.

3. ارڙهن سالن جي ڄمار کان وڌو کو بہ جڏهن ٻار سان شادي ڪندو تہ ان کي سخت پورهئي واري سزا ملندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿي. پر اها ٻن سالن کان گهٽ نہ هوندي ۽ هن تي ڏنڊ پڻ وجهي سگهجي ٿو.

لائون لهندڙ گهوٽ لاءِ سزا.
Punishment for male contracting party.

4. جيڪو بہ ٻاراڻي شادي ڪندو، شادي ڪرائيندو، اهڙيون هدايتون ڏيندو يا مدد ڏيندو تہ ان کي جيل جي سخت سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌائي سگهبي پر ٻن سالن کان گهٽ نہ هوندي ۽ هن تي ڏنڊ بہ مڙهي سگهجي ٿو جيستائين هو اهو ثابت ڪري تہ هن وٽ اهو مڃڻ لاءِ سبب هئو تہ اها شادي ٻاراڻي شادي نہ هئي.

ٻاراڻي شادي جي رسم ادائي ڪندڙ لاءِ سزا.
Punishment for solemnizing a child marriage.

5. (1) جڏهن والدين، سنڀاليندڙ يا ڪو ٻيو ماڻهو ڪنهن بہ حيثيت ۾، قانوني يا غير قانوني طرح، اهڙو قدم کڻي ٿو جيڪو ٻاراڻي شاديءَ کي هٿي ڏئي ٿو يا لائنئن لهڻ شاديءَ جي اجازت ڏئي ٿو يا ان کي روڪڻ ۾ ڪوتاهي واري ناڪامي ڪري ٿو ان کي جيل جي سخت سزا ڏني ويندي جنهن کي ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي پر اها ٻن سالن کان گهٽ نہ هوندي ۽ هن تي ڏنڊ بہ مڙهي سگهجي ٿو.

(2) ايڪٽ جي هن دفعہ جي مقصد لاءِ، اهو سمجهيو ويندو تہ جيستائين انهيءَ جي برعڪس اهو ثابت نہ ٿو ڪيو وڃي، تہ ڪنهن ٻار جي شادي ڪرائي وئي آهي ۽ ٻار جو وڏو شاديءَ جي رسم روڪڻ ۾ ناڪام ويو آهي.

ٻاراڻي شاديءَ ۾ ملوث والدين يا سنڀاليندڙ لاءِ سزا.
Punishment for parent or guardian concerned in a child marriage.

6. جيڪڏهن ڪوڊ جي دفعہ نمبر 190 جي ابتڙ ناهي تہ پوءِ ٻي ڪورٽ نہ پر فرسٽ ڪلاس جڊيشل ماجسٽريٽ جي ڪورٽ جو اختيار هوندو تہ هن ايڪٽ هيٺ ڪنهن ڏوهہ جو ڪيس هلائي سگهندي.

هن ايڪٽ مطابق اختيار جو دائرو.
Jurisdiction under this Act.

7. (1) ڪنهن قانون جي ابتڙ نہ آهي تہ پوءِ ڏنل درخواست جي آڌار تي معلومات کان مطمئن ٿيندي تہ هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ۾ ڪنهن ٻار جي شادي ٿي رهي آهي، يا ٿيڻ واري آهي، تہ پوءِ ڪورٽ شاديءَ کان جهلڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ ڪنهن ماڻهوءَ خلاف شادي روڪڻ وارو حڪم ڏئي نہ ٿو سگهجي، جيستائين ڪورٽ هن کي اڳ ۾ نوٽيس نہ ڏنو آهي ۽ هن کي منع نامي واري حڪم نامي خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو آهي. ڪورٽ

هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي واري صورت ۾ شاديءَ کان روڪڻ جي حڪم ڏيڻ جو اختيار.
Power to issue injunction prohibiting marriage in contravention of this Act.

ضروري ڄاڻي تہ نوٽيس کي نظرانداز ڪري سگھي ٿي.

(3) ڪورٽ پاڻمرادو يا ڪنهن ماڻهوءَ جي درخواست تي ذيلي دفعہ (1) هيٺ پنهنجي حڪم مسترد ڪري سگهي ٿي يا ان ۾ ڦير گهير آڻي سگهي ٿي.

(4) جڏهن ڪا درخواست ملي ٿي، تہ ڪورٽ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت حاضر ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪندي. جيڪڏهن ڪورٽ جزوي طور تي يا مڪمل طور تي اها درخواست رد ڪندي تہ ان جا ڪارڻ لکت ۾ رڪارڊ تي رکندي.

(5) ڪو بہ، جيڪو اهو ڄاڻي تہ ذيلي دفعہ (1) هيٺ شاديءَ کان جهل وارو حڪم ناموڪيو ويو آهي، پوءِ بہ اهڙي منع نامي کي نہ ٿو مڃي تہ هن کي ڪنهن مقرر وقت لاءِ جيل سزا ڏئي سگهبي، جنهن کي هڪ سال تائين وڌائي سگهجي ٿو، يا هن تي ڏنڊ مڙهي سگهجي ٿو، ڏنڊ ۽ جيل جون ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.

سزا لائق ۽ ڪيس هلائڻ لائق ڏاڍائي.
Offence to be punishable and triable.

8. ڪوڊ جي برعڪس نہ هجي تہ پوءِ هن ايڪٽ مطابق سزا جوڳو ڏوهہ عدالتي اختيار ۾ ايندو، اهو ناقابل ضمانت هو.

عدالتي اختيار، مقدمو ۽ ڪيس جي پڄاڻي.
Cognizance, trial and conclusion of the case.

9. ڪورٽ پنهنجو عدالتي اختيار ڪم آڻيندي نوي ڏينهن اندر ڪيس هلائي ختم ڪندي.

قاعدا
Rules.

10. هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ، حڪومت قاعدا جوڙي سگهندي، جن کي سرڪاري گزيٽ ذريعي پڌرو ڪيو ويندو.

ضمانت
Indemnity.

11. نيڪ نيتيءَ سان ۽ چڱي مقصد خاطر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ هن ايڪٽ مطابق قدم کنيو آهي تہ ان تي ڪو بہ ڪيس ڪري نہ ٿو سگهجي، هن خلاف استغاثي جي ڪارروائي نہ ٿيندي ۽ هن تي قانوني ڪارروائي نہ ڪري سگهبي.

تڪليف جو خاتمو
Removal of difficulty.

12. هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ شق کي لاڳو ڪرڻ دوران جيڪڏهن ڪا بہ ڏکيائي درپيش اچي تہ جيڪڏهن ضروري ڄاڻي ۽ اهو هن ايڪٽ جي تضادم ۾ نہ هجي تہ

حڪومت اهڙو حڪم ڪڍي سگهي ته جيئن اها ڏڪيائي ختم ٿي سگهي.

منسوخي ۽ بچاءُ.
Repeal and saving.

13. (1) هن سان ٻاراڻي شاديءَ روڪڻ واري ايڪٽ 1929 (The Child Marriage Restraint Act, 1929) جون شقون منسوخ ٿي ويون.

(2) ٻاراڻي شاديءَ روڪڻ واري ايڪٽ مجريه 1929 جي منسوخي، ان کان اڳ ڪڍيل حڪم، ورتل فيصلا، ڪورٽ جي فتويٰ کي صحيح ۽ برابر ڄاتو ويندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**